# سجُ ترِيءَ هيٺان

**Title:** Sij Tireya Haythan (Sun under the Palm)
**Genere:** Poetry
**Author:** Tanveer Abbasi
**First Edition:** 1977, Published by Nazar Sons (Limited), Hosh Mohamad Road, Hyderabad Sindh
**Typesetteing:** Sarmad Abbasi, August 2009
**Typesetting Software:** ArabTex (copyrighs, Klaus Lagally)
**Copyrights:** All writings of Tanveer Abbasi are copyright free as long as his writings are produced in the original form

**ٽائٽل :** سجُ، تريءَ هيٺان
**ليک :** تنوير عباسي
**پهريون ڇاپو :** 1977 نذر سنس (لمٽيڊ)، هوش محمد روڊ، حيدرآباد
**ڪمپوزنگ :** سرمد عباسي، آگسٽ ٢٠٠٩ع
**سافٽوير :** عرب ٽيڪ ( Arabtex )
**حق واسطا :** ڪليل

تنوير عباسيءَ جي لکڻين جا حق ۽ واسطا ( copyrights ) هن جي انساني اصولن مطابق کليل آهن. تنهن هوندي به هن جي ڪتابن کي وري ڇپرائڻ ۽ مناسب قيمت تي ماڻهون تائين پهچائڻ ۾ اجا ڪافي ڪم بچيل آهي.

ڪتاب جي ڇپرائڻ ۾ هڪ مشڪل ڪم ان جي ڪمپوزنگ آهي. ان لاءِ هن ڪتاب جي ڪمپوز ڪيل ڪاپي به سڀني لاءِ کلي رکي آهي. هي پورو ڪتاب پي ڊي ايف ( pdf ) جي صورت ۾ انٽرنيٽ تي موجود آهي.

ڪنهن به پرنٽنگ پريس، پبلشر يا فرد کي کلي اجازت آهي ته هو هن ڪتاب کي شايع ڪري. مان صرف اها اميد ڪندس ته جيڪي دوست هي ڪتاب وري ڇاپيندا سي اها به ڪوشش ڪندا ته تنوير جون تحريرون ماڻهون تائين مناسب قيمت ۾ پهچن. هنن تحريرن کي وري ڇپڻ ۽ انهن کي ورهائڻ جي لاءِ ڪنهن کي به ڪنهن کان اجازت وٺڻ جي ڪا ضرورت ناهي.

هي ڪتاب مون عرب ٽيڪ ( ArabTex ) ۾ ڪمپوز ڪيو آهي. مان پروفيسر **ڪلس لگالي** ( Prof. Klaus Lagally ) جو تمام گهڻو ٿورائتو آهيان جنهن نه صرف دنيا کي عرب ٽيڪ جهڙو سافٽ وير بنا معاوضي ڏنو پر ان ۾ سنڌي به شامل ڪئي آهي.

مان **امداد حسينيءَ** جو به تمام گهڻو ٿورائتو آهيان جنهن مونکي اها اجازت ڏني ته سندس لکيل مهاڳ هن ڪمپوز ڪيل ڇاپي ۾ شامل ڪيان ۽ ان کي سڀني جي لاءِ انٽرنيٽ تي رکان.

سرمد عباسي.

This book was typeset using ArabTex a typesetting system written by Klaus Lagally. I am grateful to Prof. Lagally for making this system freely available for everyone to use. Documentation, copyrights and other information on ArabTex can be found at the following website:

http://www.informatik.uni-stuttgart.de/ifi/bs/research/arab_e.html

Sarmad Abbasi

**A Note About Copyrights**

The poetry and all the writings of Tanveer Abbasi are copyright free. Any one is free to publish his writings as long as they do not modify, change or alter his writings.

This particular typesetted version is also copyright free. The pdf file of this document is available at:

http://www.tanveer-abbasi.org

Any publisher, printing press or individual is free to make copies or republish this work and distribute it.

I am thankful to **Imdad Husaini** who has graciously given me permission to include the original preface written by him in this open version of the book.

In case, anyone plans to publish this book in high volume, I would be grateful to assist them in reformatting of this document.

Sarmad Abbasi

# سڄُ ترِيءَ هيٺان

(شاعري)

تنوير عباسي

ايسي باني بوليئي من ڪا آپا ڪوءِ،
اپنا من سيتل هوئي، اورون ڪو سک هوءِ.
( ڀڳت ڪبير)

الطاف

شوكت

جي نالي

# ڪوتا مارڳ - پٿون پير

ڪوتا مارڳ تي پٿون پيرن سان هلندي، رندن مٿي رت هاٺا پيرا ڇڏيندي، تنوير ڳچ دڳ لتاڙي آيو آهي. ”جوت جلندي رهي“ (شعر) کان ”اجان به جاڳندا رهو“ (ص ٢٧) تائين تنوير جا ڪيترائي ساٿي يا ته موتي ويا آهن يا ماڳهين دڳ ئي پلجي ويا آهن، تڏهن تنوير نه رڳو اجان ٽڪو ناهي، پر وک وڌائي رکڻ وارو اُتساهه پريو لهجو ڪٺي آيو آهي- ۽ اها اُتساهڪ ڌارا ”رڳون ٿيون رباب“ ۽ ”شعر“ کان ويندي ”سچ تريءَ هيٺان“ تائين ڦلجي پيئي آهي. اُنهيءَ کان ورجاءُ مقصد مور ڪونهي، ڇاڪاڻ ته نئين-لوڪ-ڪلاسيڪل يگ ۾ اهائي اتساهڪ ڌارا ڏوڪيندي وهي رهي آهي. تنوير روايتي ورجاءِ کان پاڻ وانجهيل رکيو آهي. تنوير جي شاعري اُنهيءَ بند ڪمري جي شاعري ناهي، جنهن ۾ ڪوريئڙن پنهنجا ڄار آٽي ڇڏيا آهن ۽ ڪنهن موضوع جي مک جهٽڻ جي اوسيئڙي ۾ آهن. تنوير جي شاعري کليل ميدانن جي شاعري آهي. نيارن پنڌن ۽ پيچرن جي شاعري آهي، لتاڙيل رستن تي پير ڌرڻ جو هو ڪڏهن به قائل ناهي رهيو:

جن تي ڪوئي پيرو ناهي سي ئي منهنجا چارا آهن
(ص ٩۴)

رائي ڪي رت سان رڱي ڪنهي ڪرڻ جو ساهس اجا منجهس وساڻو ناهي:

اڄ ڪٺي اڳتي هلبو
رڄ پلي ڏئي دلبو
هلڻو آهي هيڪاندو
رڻ ۾ ڪهڙو مانجهاندو
(ص ٦٧)

تنوير جي شاعري ”پيلاين“ سان اُهو ٻول آهي، جنهن کي پارٽ ڪارٽ سمورا ڏڦ، وهم ۽ وسوسا پور پور آهن. اعليٰ مقسد کي ماڻڻ لاءِ هو ڪنهن سان به، ڪٿي به، ڪڏهن به ٺاهه ڪرڻ لاءِ تيار ناهي. ڏاڍ ۽ ڏهڪاءَ جي هن دور ۾ جڏهن ته ٻوٿن تي ٻوٽاڙا چڙهيل آهين، تڏهن تنوير قلم جو سيل ۽ ست قائم رکندو آيو آهي، ۽ اهو ڪو معمولي ڪارنامو ڪونهي: هو ڪنهن مصلحت خاطر قلم کي ميز جي خاني ۾ بند ڪري، ان کي تالو ڏيئي، ڪنجي سمونڊ ۾ نٿو اڇلي؛ پر هو قلم کي علم بڻائي سيني ڦريل ۽ ديڙاتيل ماڻهن جي سرن جي مٿان تاڻي ٿو ڇڏي:

علم آهي جنهن هيٺ هيسيل ديايل
ڌتاريل ڌڪاريل اڇي نيٺ مڙندا
انهن جي اميدن جا گل نيٺ ٽڙندا
اسانکي قلم جو قسم آ
اسانجو قلم محترم آ
اسانجو قلم هڪ علم آ
(ص ٧٣)

تنوير sadist ناهي. نه ئي هو self-imposed پيڙائون پڙهندڙ تي مڙهي ٿو نه ئي هو ڇڙوڇڙ هجومن جي وات ۾ ڪوڪلي نعري بازيءَ جي اوت ٿو گهتي. تنوير پنهنجي لفظ لفظ سان کرو ۽ سچو آهي. تنوير جي اندر مان شعر ائين ڦٽي ٿو نڪري، جئين ٽڻ مان تج جو گوهو ـ اڇو اجرو ۽ مقدس:

ڇڻ ته ڏينهون ڪو ڪليو
ڇڻ ته ڦٽيءَ آ منهن ڪڍيو
(ص ١٠٠)

تنوير سُرن، ۽ رنگن جو ڪوي آهي. هن جا سُر ڌيما ضرور آهن پر ٽٽل ڪٿي به ناهن. تنوير جا سُر سٺ جي سَريءَ ۾ پوتل آهن، ۽ انهن ۾ اجهل رواني آهي:

اڌ اونـڌاهـي اڌ سـوجـهـرو
ڌيمـا ڌيمـا سـاز
اڌ چـپ اڌ آواز
(ص ۷۴)

تنوير وٽ پوپٽن جي پرن جا رنگ آهن:

شعر لکان ٿو
ڄڻ مان ڪو پوپٽ پڪڙيان ٿو
(ص ٨٦)

تنوير جي شاعريءَ ۾ هئڊو رنگ ( اُداسي ) ضرور آهي، پر ڪارو رنگ ( نراسائيءَ ) هُن وٽ ڪٿي به ڪونهي. (ڪيڏاري ۾ به نه) وٽس گهور انڌيرن ۾ به وِج جا وراڪا آهن:

جرڪيو اهڙيءَ ريت
اونده ۾ ڄڻ ڪا ڪنوڻ
منهنجو روشن گيت
(ص ۷۵)

تنوير جي شاعريءَ ۾ هئڊو رنگ ( اُدَاسي ) ضرور آهي، پر ڪارو رنگ ( نراسائيءَ ) هُن وٽ ڪٿي به ڪونهي. تنوير جا چارا ٻڙ جي ٻور سان ڇانيل ضرور آهن، پر اها ' ماڳ ' ڏان ويندڙ واٽ ئي ته آهي:

ڇڻيو ٻڙ جو ٻور
چارو پيلو ٿي ويو
پوءِ به وڇڻو ڏور

(ص ۷٦)

ڏينهن ـ رات جي وچ تي هڪ ليڪ آهي: شام هرويرو به من ۾ اداسي پري ويندڙ ص ١٨ جي رچنا ’عڪس‘ ۾ به شام جي تاري جو اپرڻ، اُداسيءَ کي جهڪو

ڪريو ڇڏي - ۽ سمورو ڌيان ڳوناٽي شام جي مٽر-رنگ عڪس ڏانهن ڇڪجي تو وڃي:

ڳاڙهاڻ وٽن تي ڇانئي آ،
هُو شام جو تارو نڪتو آ،
۽ ٻارن راند ڦٽائي آ.
(ص ١٨)

ان رچنا ۾ تنوير ڪاريگريءَ ۽ مهارت سان ’مٽر رنگ جوت‘ عڪس کي جهٽيو آهي. شفق سنگ دز، ڏنارن جي جهونگار، ٽلين جو سنگيت، سڀ الڳ الڳ هوندي به پاڻ ۾ رمل ٿا ياسن، ۽ رنگ، سر ۽ روشنيءَ جي اٽٽ جي تسلسل سان، تاثر جي وحدت قائم ٿيندي وڃي:

ڪانديون ڪاٺيون ڇُلهه منجهه ٻرن،
۽ تئو اُنهن تي ڪِلي پيو،
ڪي ڪومل هٿ ڳهڙين ماني،
۽ چوڙيون ڇٽڪن ڇن ڇن ڇن.
(ص ١٨)

هتي هڪ ڳالهه چٽي ڪري ڇڏيان ته تنوير کي سُريلي شاعر ( Lyrical Poet ) سڏڻ مان سڀُن آهوجا جي اها مراد پٽيءَ ڪينهي، ته ڪو تنوير جي شاعريءَ ۾ سُر معنا تي ڇانئجي ويا آهن، ۽ معنا پس منظر ۾ هلي ويئي آهي.

نئين شاعري جي ست رنگي سُر-ريکا ۾ تنوير جو ڪهڙو ۽ ڪيترو رنگ آهي، اهو ته هڪ الڳ موضوع ٿي سگهي ٿو؛ پر سڀُن آهوجا، تنوير جي شاعريءَ جي هڪ اهم ڳڻ ڏانهن اسانجو ڌيان ڇڪايو آهي، درصل اهو سنڌي ٻوليءَ جو ڳڻ آهي، ۽ اهو ڳڻ آهي ٻوليءَ جي سُر-لتا:

مذر مذر هئي سانت ائين چڻ ڪي ئي ساز چڙيا
توسان نينهن ٽيا
(ص ١٠۴)

تنوير ڏاڍيءَ ساڃاهه سان سنگيت-ميه لفظن ڪي لڙيءَ ۾ پوتو آهي. پر اهي مڪيل چڪيل يا ready made هرگز ناهن. نه ئي تنوير انهن ڪي ٽيل ٽڪيل گهاڙيٽن ( forms ) ۾ فٽ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:

يا ڪنهن واچوڙي ڪي پنهنجي مٺ ۾ بند ڪريان ٿو
شعر لکان ٿو (ص ٨٦)

تنوير ڏاڍي ساڃاهه سان سنگيت-ميه لفظن ڪي لڙيءَ ۾ تنوير ڪي پڙهڻ سان اهو ويساهه ٿو جاڳي ته 'لفظ' ڪي جيڪڏهن من جي سچائين سان ڇهجي ته اهو سُر بڻجي سگهي ٿو:

وقت جي لهرن تي هر جڳ ۾،
لڙهندي رهندي لات،
اسان لئه موت نه آهي مات
(ص ۴٨)

ڪهڙيون ڪهڙيون ڳالهيون منهنجي ڳوڙهن ساڻ ڳڙيون
اکڙيون ڪين اڙيون
(ص ٥١)

هڪ وڏي شعر جي حيثيت ۾ ، ٻوليءَ جي اُنهيءَ ڳُڻ سان تنوير جي ڄاڻ سڃاڻ تمام گهري ۽ پراڻي آهي، پر هو ان ڪي هڪ هٿيار طور ڪتب آڻي ٿو، چلڪندڙ ڪوڪلن لفظن جي ميڙ ڪٺي ڪرڻ ۾ هن جو ڪوبه چاهه ناهي. تنوير وٽ ٻوليءَ جي اهميت صرف هڪ واٽ، هڪ وسيلي واري آهي ۽ بس. ۽ ان جي ڪارائتي ۽ بامقصد واهپي جي اهميت کان تنوير پوريءَ ريت باخبر آهي:

جتي گهڙون ات آهي گهيڙ
جتان وچون آهي واٽ
جتي ٻرون ات آهي لاٽ
جتي ويجون چوڏر چمڪاٽ
هر ڪنهن بن ۾ پنهنجي بوءِ
ڇلي پوي ٿي ڇپرين ڇاٽ
(ص ٥٥)

تنوير جي شاعريءَ ۾ سر ۽ معنا هڪٻئي ۾ لين ٿي ٿا وڃن. لوڪ-ڪلاسيڪل شاعريءَ جي گهري اپياس، ڪلا جو بنيادي ڪاريه سان سچي رهڻ، ۽ تجربي جي لڳاتار جوکم کڻڻ سان ئي اهو ڪارنامو سرانجام ڏيئي سگهجي ٿو:

ڏسي مٽيءَ جو مان
فلڪ حيران ٿيو.

تارازي جي هڪڙي پر ۾
وجهجن ٻئي جهان،
ڳرو انسان ٿيو.
(ص ٢٩)

تنوير کي اسين انساني عظمتن جو شاعر چئي سگهون ٿا. هن جي اندر ۾ انسانذات لاءِ چاهه جو اٿاهه ساگر آهي:

پاڻ ته پيار ونڊيندا آهيون.
(ص ٢٦)

هو وقت جمي لهر تي لڙهندڙ ڪک پن نہ آهي، پر هو وقت جمي لهر تي هڪ امر لات پرواهہ ڪرڻ ٿو چاهي. ائين هُن هر جُڳ ۾ هيو آهي. ڪالهہ بہ هن ائين ئي ڪيو هو، ۽ اڄ بہ هو ساڳئي اتساهہ سان، اُنهيءَ امر لات سرجڻ جا جتن ڪندي سيائي جمي نراڙ تي ڪا امر ريک اڪيرڻ ٿو چاهي:

مستقبل جو ڪاتب آهيان
منهنجي هٿ ۾ لوح و قلم آ
(ص ٦٦)

پر ڪالهہ ۽ اڄ ۾ فرق آهي. ڪالهہ 'لکيو منجهہ للاٽ' هو. آڄ جو مسيح، اڄ جو سقرات پنهنجو مقدر پنهنجي هٿ سان لکي رهيو آهي. سچ جمي مان رکڻ لاءِ ڪالهہ هو منصور جمي روپ ۾ سوريءَ چڙهيو هو. عيسيٰ بڻجي صليب تي لٽڪيو هو. سقرات جمي حصي ۾ وهہ-وٽو آيو هو. هوشوءَ چاتيءَ تي گولي کاڌي هئي. پر اها ڪالهہ جمي ڪٿا آهي - ۽ اڄ:

مون هٿ ۾ بندوق کنئي آ
منهنجي جهوليءَ ۾ هي بم آ

هاڻي آءٌ نہ سوليءَ چڙهندس
هاڻي تنهنجو وارو آهي
(ص ٦٦)

آسماني صحيفن جو نزول هاڻي ناهي ٿيڻو. نہ ئي ملائڪ هيٺ لهندا. ڪو بہ نبي نہ ايندو. انسان کي پاڻ پنهنجو مسيحا ٿيڻو پوندو ۽ پنهنجي دکن جو دارون ڪرڻو پوندو. انهيءَ سچ ۾ اٽل ايمان هوندي، تنوير جڏهن ماڻهوءَ کي ايڏو نبل ۽ ويساهہ وسوڙيل، وهمن ۽ وسوسن جمي ڄار ۾ ڇوڪنيو بڌل ڏسي ٿو، تڏهن هڪ خالق جو پنهنجي تخليق لاءِ ڏک جاڳي ٿو پوي:

مون توکي هٿ ڏنا
ان لاءِ تہ ڪم ڪرين
۽ تون انهن هٿن کي
گهڙيءَ گهڙيءَ ۽ هر ويلي
دعا جي لاءِ ڪٽين

(ص ١٠٥)

جنگ، انسان جو انسان هٿان ڏي پئماني قتل عام جو ٻيو نالو. پوءِ اها ڪهڙي بہ مقصد نالي ۾ لڙي ويئي هجي. انسان، جيڪو خلقڻهار جي سڀ کان اعليٰ تخليو آهي ص ١٠٩-١٠٨ واري رچنا، ان جي موت جو آفاقي نوحو آهي:

مات ٿياسين تون ۽ مان
مات ٿي انسانيت
سر جهڪائي شرم کان
بيٺي آ رحمانيت

(ص ١٠٩)

## ڪيڏارو

ڪيڏاري جي رت-ريکا کي تنوير هاٺوڪي يگ تائين کڻي آيو آهي. ’شعر‘ ۾ ڇپيل ڪيڏارو ۴ مارچ جي جوڌن کي سلام هو. ’ سچ ترِيءَ هيٺيَان ‘ ۾ ڇپيل ڪيڏاري جو داستان ٿيون سنڌالاجيءَ جي سڙڻ سانحي بابت آهي:

رسالو سڙندو ڏسي، مرڪيو پٽ جو گهوٽ،
سڙي نہ سهندي سنڌڙي، چڙهندي ويندي چوٽ،
ٻيڙو ٻاڙها گهوٽ، جنهن لئہ سر صدقي ڪندا.

(ص ٣٠)

اُنهيءَ سانحي ڪانپوءِ سڄي سنڌ جاڳي پيئي هئي. ۽ ان سُجاڳيءَ سنڌي قوم ۾ پنهنجي علم ۽ ادب، ٻوليءَ ۽ سڃاڻپ جي بچاءُ لاءِ پاڻ ارپڻ وارو جذبو پيدا ڪيو:

شعلا شعلا چوطرف،
روشن ٿي وئي راهه،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ. (ص ٣١)

۴ مارچ جي يڌ وانگر سنڌالاجيءَ جو سانحو به، اسان جي اکين آڏو ٿي گذريو آهي. اهي اتهاس جون ٻه اهم ڪڙيون زنجير نه بڻجي سگهيون ته اها هڪ الڳ ڳالهه آهي. ڪيڏاري جو داستان چوٿون شهيد عبدلرزاق سومري جي عقيدت ۾ چيل آهي، جنهن جو خون لئي مٽي ڪيو ويو، پر ان شهيد جي ريٽي رت-سڱند امر آهي:

سر گهوريو جنهن ديس تان، مري نه سگهندو سو، (ص ۵۴)

بند ڪمري جي گهٽ ۽ ٻوست ۾، (جنهن ۾ ٻاهر متحرڪ ڏيک، اولهائين شيشي مان ڏسي سگهجن ٿا، سواءِ سڄ ايرڻ جي، ۽ ٻاهر رنگ آهن بنا خشبو جي، ٿارين تي ٽپ ٽپ ڪنڊڙ پکيڙن جي لات شيشي ڪي اورانگهي نٿي سگهي) تنوير کي پڙهندي، ائين ڀاسيو ڇڻ هوا جو سڱندت تازو جهوٽو تاڙيون طاق پڃي تن من مهڪائي ويو هجي:

اوچتو ڪنهن حرڪتي چوڪر
ڪٽي پٽر هنيو.
شيشو ڀڃي پيو،
خشبو اندر ڏوڪي وئي.
(ص ٩٢)

**- امداد حسيني**

# عڪس

هوءَ رئي اُڏاٽي رستن تي،
هُو ڳوئن ڏي ڏڻ موٽن ٿا.

دز رنگ شفق سا ڳاڙهي آ،
ٻڌجي جهونگار ڏنارن جي،
سنگيت ٽلين جي ساٿ ڏئي،
هوءَ رئي اُڏاٽي رستن تي.

سج اڌ ٽُٻيءَ ۾ آيو آ،
ڳاڙهاڻ وڻن تي ڇانئي آ،
هُو شام جو تارو نڪتو آ،
۽ ٻارن راند ڦٽائي آ.

ڪانديون ڪائيون ڇُلهه منجهه ٻرن،
۽ تئو اُنهن تي ڪِلي پيو،
ڪي ڪومل هٿ گهڙين ماني،
۽ چوڙيون ڇڻڪن ڇن ڇن ڇن.

چونئرن جي ڇت مٿان دونهون،
اُڀ ڏان ويو وٽ ڪائندو ـ

# تون بي انت

تون بي انت،
مان بي انت.

جي ناهي تنهنجو ڪوئي ڇيهه؟
ته ناهي منهنجو پي ڪو ڏيهه،
نه تنهنجو رمزن جا اهڃان،
ته آهي اڻ ڪٿ منهنجي ڇاڻ،
جي تنهنجو آر نه ڪوئي پار،
ته لامحدود آ منهنجو ويچار،
جي اڻ ڪٿ تنهنجو جڳ جا راز،
ته منهنجي سياڻپ بي انداز،
ملي آ مونکي تنهنجي لوچ
ٿي ڳولهي توکي مونکي سوچ

نه تون ليندي،
نه مان لهندس.
مان ڪلونت،
مان بي انت،
تون بي انت.

تو مون کي مرڪي ڪيڪاريو،
قرب منجهان صوفي تي وهاريو.

تنهنجيون خوني خماري اکڙيون
تن ۾ ڪجل جون ڪاريون ليڪون
۽ چپڙن تي نيل ڪمل جان
هلڪي نيري رنگ جون جهلڪيون
تنهنجي ڳلن تي هلڪي لالي
تنهنجي چپن تي هلڪي لالي
تنهنجي وارن ۽ ڪپڙن مان
خوشبو جو دريا اٿلي پيو
تنهنجيون ڇاتيو آتيون آتيون
سوڙهو چولو ڇاڻ نه ڦاٽو.

مان صوفي تي ويٺو سوچيان
تنهنجي اکين ۾ آ جو نشو
اهو ڪجل جي لِيڪن ۾ آ
يا سچ پچ اکين ۾ آ سو.
تنهنجي ڳلن جو روپ آ ڪهڙو
تنهنجي چپن جو رنگ آ ڪهڙو
هيءُ نه روج ليسٽڪ آهي
ان جي پردي پويان ڇاهي؟

منهنجي دل تي چاهي چاهي
ميڪ اپ جا سارا تهہ لاهي
تنهنجي بت جي خوشبو ماڻيان
۽ هي ڄاڻان ۽ هي ڄاڻان
عورت جي خوشبو ڇا آهي.
۽ جو تو مرڪي ڪيڪاريو
قرب منجهان صوفي تي وهاريو.
ڇا هيءُ قرب تصنع آهي.
ڇا هيءَ مرڪ بہ ميڪ اپ آهي.
پنهنجي ڇپن تي سرخيءَ سان گڏ
منهنجي لئہ تو لاتي آهي.

مضبوط جهوپڙيون ۽ ڪمزور محل ماڙيون،
سو ڏينهن آهه ويجهو تينديون اپيون ڪهاڙيون.

اوگهڙ جتي اٿون ٿا ۽ بک جتان لٿون ٿا،
ڏيون باهه مِل انهيءَ کي، اَهڙيءَ ٻنيءَ کي ساڙيون.

جيون جو ڳاهه ڳاهي، بي سود هر ڪي ڪاهي،
ڪيڏو پگهر ڳڙيو آ اڃ اڃ ته رت هاريون.

اوچيون رکون هي لاٽون هي مشعلون ڏياٽيون،
پنهنجن لئه روشنيون ۽ دشمن جي لئه اماڙيون.

## حيدر بخش جتوئي

زندگي جدوجهد اڻ ٿڪ سفر،
زندگي محنت ڪنهن هاريءَ جو هر.

بي سبب محنت نہ جنهن جو انت ڪو،
زندگي قربانين جو معرڪو،

زندگي حيدر جي پيڙا جان عظيم،
ڪهڙي شئيءَ آ درد ان جي ڪان عظيم ؟

زندگي بي ڦل چڱائي آهہ ڪا،
جا ڪرم بي پاڻ ڦل ٿيي پاڻ آ.

خلق جي خدمت ڪان وڌ ڇا بندگي
زندگي بي بندگي تابندگي

او سهٹا اسان نيهن لائي ٻه ڇاڻون،
ڪري ساهه صدقو نپائي ٻه ڇاڻون.

پتنگن جيان پاڻ ٻارڻ اچي ٿو،
وڇن مثل گهر گهر جلائي ٻه ڇاڻون.

اسان پاڻ ٻيجل اسان ڏياج خود ئي،
سدا پي هٹون سر وڃائي ٻه ڇاڻون.

ورائي سگهون ٿا اگر سنڌ پنهنجي،
ته جنت انهي کي بنائي ٻه ڇاڻون.

او تنوير ڳائڻ ته هرڪو ٿو ڄاڻي
اسان سوز ان ۾ سمائي ٻه ڇاڻون.

هيءُ جو ڪنهنجي ٻار تاٻو ڪاڏو،
هيءُ جو رت وهيو ۽ ڳاڙهو ٿيو چولو،
هيءُ جو چپ ڪي چيڙ آيو سور ٿيو،
هيءُ جو ڏند ڀڳو ۽ ان مان رت وهيو،
هيءُ جا ڪائي چيٿ من ڪي چيري وئي،
هيءُ جا لڙڪن لار ڳل تان ڏيري وئي،
هيءُ جو ڪنهنجي سڏڪن منهنجو هانءُ چنو،
هيءُ جو ڪنهنجي لڙڪن سان هيءُ پاند پنو،

ڀانيم منهنجي ٻار تاٻو ڪاڏو -
هيءُ جو ڪنهنجي ٻار تاٻو ڪاڏو.

ڪوئي نہ ڄاڻي ڪنهنجا آهيون،
سڀ هڪ ٻئي جا پنهنجا آهيون.

هيءُ جڳ ڇاهي ڇا جي ڳُٽي،
پاڻ تہ پيار ونڊيندا آهيون.

آدم حوا جت ٻيئا هئا،
پاڻ اتي ئي ٻيئا آهيون.

پن ۽ گونچ ۽ مکڙيون آهيون،
ڇڻندا آهيون، ڦٽندا آهيون.

ٻيهي ڏسندو رهندو آ جڳ،
پاڻ تہ وڌندا رهندا آهيون.

اڃا به جاڳندا رهو،
اڃا به جاڳندا رهو.

اڃا ته وقت پر خطر ٽريو نه آ ٽريو نه آ،
اڃا سٽائو واءُ ڪو وريو نه آ وريو نه آ،
اڃا به جاڳندا رهو.

اڃا ته رهزنن جي منهن تي رهبريءَ جو آ نقاب
اڃا ته دشمنن جي منهن تي دوستيءَ جو آ نقاب
اڃا به جاڳندا رهو.

نيا وجو ٿا جنهن طرف اتي سموري سچ آ،
اڃا ته ماڳ آ پري ڏسو ٿا جا سا رڃ آ،
اڃا به جاڳندا رهو.

اڃا به رات فتنه گر آڃا پري پري سحر،
اڃا نه منزلن جو ڏس اڃا پري آ رهگذر،
اڃا به جاڳندا رهو.

متان ٿي يورڙا اوهان ڀلي پئو ڀلي پئو،
متان اوهان جي اک لڳي وڃي اوهان سمهي پئو،

اڃا به جاڳندا رهو،
اڃا به جاڳندا رهو.

تون هجين ڪير پي مان هجان ڪير پي،
پو ٻه هڪ ٻئي لئه آهيون نه ٻئي اجنبي.

نَانءُ تنهنجو ته آهي الائي ٻه چا،
منهنجي نالي جي توکي خبر ڪين آ،
ذات تنهنجي آ ڪهڙي مان چاٺان نه ٿو،
ڪرت ڪهڙي آ منهنجي نه توکي پتو،
پوءِ ٻه تنهنجو ۽ منهنجو آ ناتو پڪو.
پوءِ ٻه ڳانڍاپو آهي ٿيو قرب جو،
درد آ تنهنجي ۽ منهنجي دل کي ڳنڍيو،
درد ڌرتيءَ جو درد ڌرتيءَ جو.
درد جيڪو آ هر دل ۾ جو عام آ،
درد جنهن ساڻ ٿمثار هر جام آ،

جنهن جي دل ۾ اهو درد آ سو اچي،
وک اسان سان ملائي ۽ اڳتي وڌي،
ان طرف جت سپئي درد جرکي پون،
درد وندن جا چهرا ٻه ٻهڪي پون.

تون هجين ڪير پي،
مان هجان ڪير پي.

ڦڙ ڦڙ مينهن وسي،
اکڙين ۾ آلاڻ چو.
ڪوئي ڪين ڏسي.

---

سڪ اينا ويندا پيا،
وهندا رهندا روز،
پاڻيءَ مٿي ڦوٽڙا،
ٺهندا ڊهندا روز.

---

ڪرڙن ۾ ڪنڊا گهڻا،
پڪا پسيون ڏورا،
توڙي ڦٽجن آڱريون،
ته به نه رهن ڇورا.

---

ماڻهن ماڳ ته ڪو نه آ،
جي جڳ ۾ آيا،
ڦاٽيون اڪ جون انڀڙيون،
اڪ ڏٽڙا اڏريا.

## ڪيڏارو
(داستان ٽيون)

منهنجي علم ڪتاب کي، ساڙيلن ساڙيو،
پنهنجو منهن ڪارو، ان جي دونهين سان ڪيئون.

باهه نه ساڙي علم کي، علم ته خود ئي آڳ،
وڌندي رهندي سنڌڙي، هر پل پنهنجي ماڳ،
تن لئه آهي نياڳ، جيڪي روڙا راهه جا.

ڪتابن ۾ ڇاهه، دل دل دفتر درد جو،
باهه نه ساڙي علم کي، جيڪو ان ۾ آهه،
من من ۾ آڙاهه، دل دل ۾ دونهون دکي.

سنڌالاجي ڇا سڙي، ڇڻ روشن ٿي وئي واٽ،
ٻرندي رهندي لاٽ، جاهل علم نه ٿئي فنا.

الا ڪر جيئن، شل عمر وڌي تن کي ملي،
ڪلندي وڌندي ويجهندي، پلي سنڌ ڏسن،
ٿان پوءِ مرن، سڙي انهي ساڙ ۾.

رسالو سڙندو ڏسي، مرڪيو پٽ جو گهوٽ،
سڙي نه سهندي سنڌڙي، چڙهندي ويندي چوٽ،
ڳيرو ڳاڙها گهوٽ، جنهن لئه سر صدقي ڪندا.

ويري ماري جک، آڏو منهنجي علم جي،
ساڙن ٿا جيڪي پوي تن جي منهن ۾ رک،
محبت جن جي من ۾ تن جا ڪک به لک،
ڪاريءَ وارا ڪک، ويري تنهنجي پاند ۾.

پروميٿيس آٿين، اي مان علم اجا به ٿا،
توڙي پيرن ۾ ڪڙيون ته به ڏياٽيون ٿا ٻارين،
تاڏي ٿا تاٿين، جاڏي انت نه آهه ڪو.

# ڪيڏارو

## وائي

پڙڪي پڙڪي باھ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

دل دل ۾ دونھون دکي،
اکڙين ۾ آڙاھہ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

شعلا شعلا چوطرف،
روشن ٿي وئي راھہ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

ڪوتاريءَ ۾ سون جان،
سچ ٻہ سڙندو آھہ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

جي ٻہ گھڙا پيلا ھئيا،
پڪا ڪيا آڙاھہ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

سنڌالاجي چا سڙي،
چٽ روشن ٿي وئي راھہ،
مچ ٻري ۽ مرڪي سنڌ.

البيلي اڙينگ نشيلي جيڪا سندر ناري آهي،
انگورن جي سا ول آهي، تانگر جي سا تاري آهي.

جا شي دل کي ويجهي آهي سا شي دل کي پياري آهي،
پنهنجي لڳي ٿي هر سهڻي شي توڙي جو سا ڌاري آهي.

وار ونگوڙا هرون ڪوئي ڪارونيار اکين ۾،
بادل ڇڻ برسڻ وارو آ، ڇڻ وڄ چمڪڻ واري آهي.

عشق ڪرڻ وارا ئي آهن جيڪي جيءُ وجهن جوکي،
ڪنهن کي ڪؤڙي آهه حياتي جان سڀن کي پياري آهي.

تنهنجي وڇڻ کان پوءِ جي گل بہ ٽڙيا تہ روح نہ ريجھو منهنجو ،
تون نہ هجين پوءِ ڪيئن چوان مان آئي مند بهاري آهي.

تنهني آئي گل گلزاريون توکي ڏني پرپور بهاريون،
مون سان گڏ ويرانن ۾ پئي تنهنجي واٽ نهاري آهي.

پيار سوا آ عمر اڌوري عشق سوا ڪا ڳالهہ نہ پوري،
نينهن سوا جن گهاري آ تن عمر اجائي گهاري آهي.

چو ايڏو مايوس ٿيو آن تو چو دلڙي هاري آهي،
صبح به ايڏو روشن هوندو رات به جيڏي ڪاري آهي.

مڌ پيتي سين توکي ياد ڪيوسين ۽ ڪجهه شعر لکياسين،
هيل اسان منڊ ميهوڳيءَ جي سهڻي ريت گذاري آهي.

توڙي گهر گهر بدنامي ٿي يا گوشي ۾ گمنامي ٿي،
او دل او دل مون تڏهن پي تنهنجي ڳالهه نه ٽاري آهي.

ساڳي ڳالهه ته ٻيا پي چوندا پر تنوير ڪي ڍنگ آ پنهنجو،
هن جي پريت به نياري آهي هن جي ريت به نياري آهي.

ٻڌون ٿا هيءَ رات آ مستقل
چون ٿا ته هن رات جو صبح ڪونهي،
چون ٿا ته اڄ واري اونداهه بي انت آهي.
چون ٿا ته اڄ وقت بيهي رهيو آ ـ
چون ٿا ته تاريخ جا پير ڪپجي پيا آهن.
ٻڌون ٿا ته اڳتي وڌي ڪين سگهندي.
چون ٿا ته سرءُ باغ ۾ آئي جا آها ڪين ويندي.
وري گل نه ٽڙندا ۽ ساوڪ نه ٿيندي.
ڪروڙين شهيدن جو رت پي گلن جي ٽڙڻ جو سبب ڪين ٿيندو.
ڀلي ڪي ئي منصور ڦاهيءَ چڙهن پر،
انالحق جو نعرو ڪٿي ڪين ٻڌبو.
چون ٿا ته هيءَ رات آ مستقل ـ
ٻڌون ٿا ته سرءُ باغ ۾ آئي جا آها ڪين ويندي.

اهو ڪوڙ آهي،
اهو ڪوڙ آهي.

ڪڏهن وقت هڪ جاءِ بيٺو نه آهي،
۽ تاريخ پٺتي نه موٽي سگهي آ.
ڀلي رات ڪيڏي به تاريڪ آهي،
مگر صبح ان جي مقدر ۾ آهي.

سرءُ ڪيڏي سفاڪ ٿئي پر تڏهن پي،
نوان گونچ گل نيٺ ٽڙندا ۽ مڪڙيون به ٽڙنديون،
نه ڪو وقت جي پير ۾ نوڙ پئجي سگهيو آ،
نه تاريخ جا پير روڪي سگهيو ڪو.
شهيدن جي رت مان سحر نيٺ ڦٽندي،
سحر نيٺ ڦٽندي.

هيءُ جو سچ اپريو آهي،
منهنجو رت ڦڙو آهي.

سنگينين جي چنهنبن مان،
مون رستو ناهيو آهي.

ڌاريو آخر ڌاريو آ،
پنهنجو پوءِ پنهنجو آهي.

ڪنهن جي ڏاهپ جي آڏو،
ڏايو هيٺو ٿيو آهي.

پچرو ٿي ويو آ پرزا،
پڪيءَ ڏنو پڙڪو آهي.

هن تي رت جا داغ ڏسو،
هيءُ منهنجو پيرو آهي.

نرمل اجرو آهي من،
لڙڪن سان ڌوتو آهي.

دوکو ڏئي تو جيڪو چئي،
هيءَ دنيا دوکو آهي.

ڇا ٻه ٽئي جڳ ۾ تنوير،
جهڙو هئو اهڙو آهي.

چا آهي هن پار ـ نه ڇاٿان يار،
ته پي هي پار ته پيارو آهي.

هي مٺا محبوب وٽن ٿا خوب،
جن سان جڳ اُجيارو آهي.

هتي ته مکڙين ماڪ ـ پرهه جا پياڪ،
جن کي مئه جو سهارو آهي.

هتي ڇنڀي پرِيات ـ پکين جي لات،
سمو ڪيڏو سونهارو آهي.

رنگا رنگي رنگ ـ پرينءَ جو سنگ،
بهشتن جو ته نظارو آهي.

انهن جي لئه اونداهه ـ نه ڪائي راهه،
جني جو اندر ڪارو آهي.

مان مرندو ناهيان مان جڳ ۾ ور ور ايندو آهيان،
لوڪ جڏهن گونگو ٿيندو آ مان ڳائيندو آهيان.

پنهنجي رت مان ٽڙندو آهيان بنجي گل گلابي،
ٿاريءَ تي لڙڪي سوريءَ جي زينت ٿيندو آهيان.

ڪوڙ جڏهن چڙهندو آ چوٽ تہ سڏ ٿيندو آ مونکي،
نعرا هڻندو ڪوڙ جا ڪنگرا مان ڊاهيندو آهيان.

ماڻهن ليکي ماڻهو آهيان پوءِ بہ الائي ڇاهيان،
ڪڏهين ڏيئو ڪڏهن گل ـ مان ويس مٽيندو آهيان.

مان تنوير بہ آهيان سائين مان تنوير بہ ناهيان،
پنهنجي پيري ڪي پهچڻ لئہ ڇا ڇا ٿيندو آهيان.

پنهنجا سور سياڳا آهن،
نند نياڳيءَ مان جاڳائن.

پنهنجو نينهن نرالو آهي،
ماٺهوءَ ماٺهوءَ کي جو چاهي.

پنهنجو پيار بہ پارس آهي،
لوھ لوھ کي سون بنائي.

پنهنجا ٻول بہ امرت آهن،
مرندڙ قوم کي جيڪي جيارن.

پنهنجي مٽي سُرهي آهي،
جڳ ۾ جا خوشبو ڦهلائي.

پنهنجا راڳ نيارا آهن،
سڪڙن جا سانپارا آهن.

هاءِ اڄ جي ڪـهڙي رات آ،
مئه نه آ مون وٽ نه ڪا برسات آ.

سي پرين ديوار جي هن پر وسن،
جن سان ريذل لات آ، ۽ ڏات آ.

هيءُ جڳ اوندهه آ، انڌوڪار آ،
تنهنجو من چڻ پرهه آ پريات آ.

تنهن پکيءَ جي ياڳ ۾ ئي ڪان آ،
جنهن لنوي ڪائي به منڙي لات آ.

ڪوهه ۾ پئي چنڊ جو جيئن اولڙو،
روح ۾ تيئن ڪنهن پرينءَ جي جهات آ.

هو نڪو ماڻهو نڪو آهن مَلڪ
نينهن وارن جي نرالي ذات آ.

سوکي منهنجي سڪ،
آڇيان ويٺو عام کي.

پور پريان ئي پڌرا،
ڪانهي ڪائي لڪ،
آڇيان ويٺو عام کي.

منهن مان جرڪي نيهن ايئن،
جيئن اس ۾ ڪا ٽڪ،
آڇيان ويٺو عام کي.

ڪر ماٺهو محبوب آ،
هيءَ سانگين جي سڪ،
آڇيان ويٺو عام کي.

سهسين ماٺهو ديس جا،
آس تنين جي هڪ،
آڇيان ويٺو عام کي.

هيءَ امرت جي پيالڙي،
وهه دريا جي يڪ،
آڇيان ويٺو عام کي.

سنڌ سندي تنوير چئي،
مون کي آ جا سڪ،
آڇيان ويٺو عام کي.

او تنوير اسان ستلن جي ننڊ ڦٽائڻ آيا آهيون،
اسان ته شاعر آهيون سائين آسان ته ڳائڻ آيا آهيون.

تنهنجي در کي کڙڪايوسي ۽ تو اسان کي پينو ڀانئيو،
گيڙو ويس ڏکي ڪشتي مان نينهن ورهائڻ آيا آهيون.

تو ڪيئن ڀانيو هن محفل ۾ پاڻ وٺائڻ آيا آهيون،
اسان ته تنهنجي ازلي سونهن تي جان گنوائڻ آيا آهيون.

اک اک ۾ جو پاڻي آهي ڳل ڳل تي جي لڙڪ ٿا لڙڪن،
اسان ته ان پاڻيءَ مان ڪائي چڻگ دکائڻ آيا آهيون.

جن کان حال لڪايوسين تي تن کي ئي دل ڏئي ويٺاسين،
جن کان درد لڪايوسين تي تن کي ٻڌائڻ آيا آهيون.

منهنجا شعر پڙهه جي ماڪ جان مارگ تي وسندا ئي رهندا،
ايندڙ وقت جي واٽهڙن لئه پاڻ وڇائڻ آيا آهيون.

آيا آهيون زوراور جو زور گهٽائڻ آيا آهيون،
هيڻن ۽ بي رورن کي شهزور بنائڻ آيا آهيون.

نہ ڏس آسمان ڏي،
نہ ڏس آسمان ڏي،
ملائڪ نہ لهندا،
نبي ڪونہ ايندو،
هي دک جو اسان تي،
آ نازل ٿيو ان جو،
ڪو عيسيٰ اچي ۽ مسيحا نہ ٿيندو،
اسان پاڻ پنهنجا مسيحا،
اسان پاڻ پنهنجا پيغمبر،
اسان پاڻ ئي قافلو پاڻ سرواڻ آهيون،
اسان پاڻ ئي پنهنجو نرواڻ آهيون،
اسان پاڻ ئي رات جي رڻ جا راهي،
اسان پاڻ پان آهيون پرهہ جا پيغمبر،
اسان پاڻ رهبر،
اسان پاڻ رهبر.

وري شعر تنوير نازل ٿين ٿا،
ثمر سوچ جا نيٺ حاصل ٿين ٿا.

جو سالم بچو آ ڪچو نينهن تنهنجو،
جي گهايل ٿين ٿا سي ڪامل ٿين ٿا.

پرين پور تنهنجا سدا پوپٽن جان،
اچن ٿا گهڙي پل ۾ زائل ٿين ٿا.

سي چاٺن ٿا ڪيئن گهارجي زندگاني،
جي ماڻهو محبت جا قائل ٿين ٿا.

جني وٽ محبت سچائي ٻه تن وٽ،
جي نفرت ٿا ڏارن سي باطل ٿين ٿا.

اسان اڄ ڪسڻ ڪان پلا چو ڪٿايون،
پرين پاڻ ئي جڏهن قاتل ٿين ٿا.

جهلن ٿا پيئڻ ڪان اسان کي جي زاهد،
پيئڻ ۾ اسان ساڻ شامل ٿيل ٿا.

ڏسي مٽيءَ جو مان
فلڪ حيران ٿيو.

تـارازي جـي هـڪـڙي پر ۾
وجهجن پئي جهان،
ڳرو انسان ٿيو.

سونهن سڄي سنسار جي ان سان،
مَـاٿـهوءَ ري ويران،
سڄو بستان ٿيو.

پير جنهين جي چنڊ لتاڙيو،
تنهن جو وڏو آ شان،
وڏو آ مان ٿيو.

ڪـلـمـو پڙهه تـنـوير بـشر تـي،
جـوش وڏا جـولان،
پڪو ايمان ٿيو.

مـــن اڏري آڪــاس
تن تي سنگهر رڪ جا

منهنجو مذهب ماٺيو
ڪائنم مرون ماس
تن تي سنگهر رڪ جا

جڳ ڪي مشڪ عنبير جو
ڏئي وجـبـو واس
تن تي سنگهر رڪ جا

جر جر جرڪي جوت ڏئي
منهنجو من الماس
تن تي سنگهر رڪ جا

چـوڏس ڏات مدام آ
تيندي ناهه آماس
تن تي سنگهر رڪ جا

موت نہ آهي مات اسان لئہ
مــوت نہ آهــي مــات

وقت جي لهرن تي هر جڳ ۾،
لــڙهــنــدي رهــنــدي لات،
اسان لئہ موت نہ آهي مات

روز نئون سج بنجي اڀرون،
جــڏهــن اچي پرڀــات،
اسان لئہ موت نہ آهي مات

گيت پڙاڏا گونجن هردم،
نــاهــي چــپ چــپــات،
اسان لئہ موت نہ آهي مات

راڳي ناهيان آهيان راڳ
ڏيئو ناهيان آهيان جوت
سسئي ناهيان آهيان هوت
راهي ناهيان آهيان ماڳ
راڳي ناهيان آهيان راڳ

امرت ناهيان آهيان حيات
پرين نہ آهيان آهيان پريت
جنگ نہ آهيان آهيان جيت
موت بہ منهنجي آڏو مات
امرت ناهيان آهيان حيات

سارو ڳوٺ ڳهرجي ويو آ ساري خلق ستي پئي آهي،
منهنجي ننڊ ڦٽي پئي آهي

پيو ڪو جاڳي يا نہ تڏهن پي منهنجي اک کلي پئي آهي.
منهنجي ننڊ ڦٽي پئي آهي

ملڪ سمورو مانو پاڻي ۾ منهنجو من لهرون لوڏا
ڏيئا وسائي سپ سمهي پيا منهنجي اک کلي پئي آهي
منهنجي ننڊ ڦٽي پئي آهي

هر ڪڙڪي تي دل تي ڌڙڪي هر آواز تي ڪن لايان تو
توڙي اڪيلو ڏيئو آهيان پوء بہ جوت جلي پئي آهي
منهنجي ننڊ ڦٽي پئي آهي

لاڳيتي اوجاڳي کان اکڙين ۾ آيون ڳاڙهيون ڏوريون
رنگ شفق جو ڇڻ نکري پيو ڇڻ ڪا باک ڦٽي پئي آهي
منهنجي ننڊ ڦٽي پئي آهي

هاڻي ساز کڻا مان ڳايان ڳهريل ڳوٺ جي ننڊ ڦٽايان
جيئن مان پاڻ تو جاڳان تيئن مان ساري ديس کي تو جاڳايان
منهنجي ننڊ ڦٽي پئي آهي

اکـڙيـون کـين اڙيـون
سـارو لـوڪ لـتـاڙي آيـون تـوڏي کـيئن لـڙيـون
اکـڙيـون کـين اڙيـون

کھڙيون کھڙيون ڳالهيون منهنجي ڳوڙهن ساڻ ڳڙيون
اکـڙيـون کـين اڙيـون

ساهه سيبايون سنهيون ڪرايون ڇڻ ته ڪمند ڇڙيون
اکـڙيـون کـين اڙيـون

چت پراوا ڪين وڻن
پنهنجي لوئي لاڪ رتي

سيڪنهن سوريو چاندي سون
مون ته ڪنئي آ پريت پتي

هيڪل چنبڊ اپالو آهه
سونهين تارن منجهه ڪتي

صبح شفق جي چڪيا ٿي
چڙهي سڙي وئي رات ستي

تنهنجي مٺ ڪپي ويئي
منهنجي اڃ اڃا نه ڪتي

تون جي چپ تي وئين تنوير تہ ڪوبہ نہ شعر ٻڌائيندو
دل وارن جي درد وندن جي محفل ڪير مچائيندو

پوپَٽ جي پاڇن ۾ سونهري رنگ ملائيندو
واهہ ڪناري لهندڙ سج ڪجن مان ليئا پائيندو

ديس جي آزاديءَ جي خاطر هرڪو سر سهسائيندو
هرڪو تيندو ڳاڙهو گهوٽ ۽ رت جي ميندي لائيندو

ساري دنيا ماٺ ٿي ويندي موت جي خاموشي هوندي
شاعر ايندو واڪ وڏي دنيا کي سچ سڻائيندو

او گل او نازڪ گل مونکي تنهنجي سڳنڌ جو آ سوڳنڌ
تنهنجي خاطر رهندس دامن ڪنڊن سان اٽڪائيندو

تون جي آمهون سامهون هوندين وقت ائين گذري ويندو
رات ڪٿي ويوندي پر ڪوئي ڳالهيون ڪين ڪٽائيندو

تنهنجي شهر ۾ تنهنجو نانءُ وٺڻ پيو آهي ڏوهہ وڏو
پوءِ ڪو دل وارو ڪيئن ڪنهن کان تنهنجو پنڌ پڇائيندو

# ڪيڏارو

## داستان چوٿون

(شهيد عبدالرزاق سومري جي عقيدت ۾)

ڪيڏا ڪيڏارا، ڳايان پنهنجي سنڌ لئه،
مٽي ۾ ملندا وڃن، ماڻهو موچارا،
ڪڏهين هچارا، ترڀا پنهنجي سنڌ مان.

هوشو درياخان، هيمون عبدالرزاق،
سنڌ شهيدن تاڪ، سنڌ شهيدن جي مٽي.

پيار جنهين جو هير جان، ۽ ڪاوڙ طوفان،
پنهنجن جي لئه پنڪڙي، ڌارين لئه تيرڪمان،
اهڙو مرد مهان، مٽءَ ۾ ملي ويو.

هيءُ جو رت وهيو تيو، امرت ساريءَ سنڌ لئه،
سرگهوريو جنهن ديس تان، مري نه سڪندو سو،
پاڻ به سو جيئندو، ۽ جياريندو ديس کي.

جتي گھڙون ات آهي گھيڙ
جتان ويجون آهي واٽ
جتي ٻرون ات آهي لاٽ
جتي ويجون چوڌر چمڪاٽ
هر ڪنهن ٻن ۾ پنهنجي ٻوءِ
چلي پوي ٿي چيرين چاٽ

لڪي لڪي چو پيئو تا
مست اهو ڪيئن جيئو تا
ڪليو ڪلايو جام ڪٺو
نينهن جو نعرو عام هٺو

ننگ چڏي اڙٻنگ اچو
جهڙا آهيو تهڙا ٿيو
ڪنهن کي وٺو يا ڪين وٺو
نينهن جو نعرو عام هٺو

ڪوليو بوتل اچي هڪاءُ
وچي واسجي سارو واءُ
لڪي لڪايو گهٽو گهٽو
نينهن جو نعرو عام هٺو

اچا ته آهيو ڏارو ڏار
اچا ته ٿيندا قرب قرار
گڏجي ويندو ڪٺو ڪٺو
نينهن جو نعرو عام هٺو

جهوني جڳ جي ريت مٽي
نفرت گهٽجي پريت وڌي
اڄ ڪا اهڙي هام هٺو
نينهن جو نعرو عام هٺو
ڪليو ڪلايو جام ڪٺو

تون جو مون ڏانهن ايئن نهارين ٿو
مونکي مارين ٿو يا جيارين ٿو

ساهه سر جنهن مٿان تون وارين ٿو
تنهن سوا عمر ڪيئن گزارين ٿو

تون وارٿي پڙاڏو تون سڏ تون
پاڻ ئي پاڻ کي پڪارين ٿو

تون ئي منهنجو خمار تون ئي شعور
مان پيان ٿو ۽ تون پيارين ٿو

اوچتو توکي ياد اچي ٿا وچون
تون ته ڪوشش ڪري وسارين ٿو

صبح آيو ۽ اميدون آسرا جاڳي پيا
رات وئي ۽ روشني جا ترورا جاڳي پيا

تون نہ هئين سامهون تہ سب آسون اميدون ويون مري
تون ٿئين سامهون تہ دل جا ولولا جاڳي پيا

همتن ڪر موڙيا ۽ عزم آ آرس ڀڳو
عظمتن ڀي ڪر ڪنيا ۽ حوصلا جاڳي پيا

رهنمائي ڪان سوا ئي ماڳ ڏي وڌندا رهيا
راهبر ٿيندا رهيا ۽ قافلا جاڳي پيا

لاٽ مان ٻي لاٽ ٻرندي ڦهلبي وئي روشني
ٽمڪي ٽمڪي روشنيءَ جا سلسلا جاڳي پيا

هيءَ سجاڳي آهي او تنوير منهنجي ئي ڪري
جيڪي جاڳيا سي ٻڌي منهنجي صدا جاڳي پيا.

مارڳ منجهہ مران
تنهنجي عشق جي آتش ۾ جي پڇران آءٌ تران
مارڳ منجهہ مران

جوت ڏيان مان واٽهڙن کي ڏيئي مثل ٻران
مارڳ منجهہ مران

ويريءَ کان مان وير وٺڻ لئہ وري وري پيو وران
مارڳ منجهہ مران

هيءُ طلسم سامري
هاءِ هيءَ جادوگري

چئني پاسي رڃ پوءِ پيو پائنجي بستان تو
آ مرون وحشي تڏهن پيو ڪونجي انسان ٿو
نانگ آ نوڙي ۽ نوڙي نانگ آ
ڪانگ آهي هنج ۽ هنج ڪانگ آ
چوطرف چٽگون تڏهن پيو پوند پيئي پائنجي
سپني وٿ اٽ هوند پوءِ پيو هوند پيئي پائنجي
لُوَ ساڙيندڙ لڳي ۽ هير جو ان تي گمان
رڃ جو درياهه آهي ڇڻ ته بحرِ بيڪران

سامريءَ جو حڪم آهي چپ رهو
جيڪڏهن سمجهو تڏهن پيو ڪجهه نه چئو
سور کي پانيو سرور
سپ جهڪو منهنجي حضور
درد کي درمان چئو
مان هجان وحشي اگر مونکي عظيم انسان چئو

ايئن ٿيو آهي جو هر هڪ سامري
پنهنجي جادو محل ۾ ويو آ گهري
هر حقيقت بيڪران هڪ بحر آ
جر تي ڦوٽي مثل ليڪن سحر آ
ڦاسندو ڪوريئڙو آ نيٺ پنهنجي ڄار ۾

هيءُ طلسم سامري
هيءَ عجب جادوگري

روز مـڪـڙيـون ٽڙن
روز پـوپـٽ اچـن
روز ڦـيرا ڏين

روز ايري تـو سج
سـوجـهـرو روز تـئـي
روز نـسري تـو ٻج

روز پـيـلا پرن
پـيـاڪ پر تـا تـين
مـسـت تـي ناچ ڪـن
سـاز جـان تـا وڄـن

هـيءَ دنـيـا اهـا
هـيءَ بـسـتي اهـا
گذريون ڪي ئي صديون
تہ ٻہ نہ بـدلـي اهـا
محـبـتن جـا سـدا
مـينـهـن تـا هـت وسـن

روز مـيڙا مچـن
روز نـعـرا لـڳـن
روز ڪـونـدر ڪـسـن
روز سـولـيـون سجـن

روز مـڪـڙيـون ٽڙن
روز پـوپـٽ اچـن
روز ڦـيرا ڏين

ڳجهيون ڏين ٽيون لامارا
ڪاڏي اڏري ويا ڳيرا

مارڳ تي هي ڳل ٽڙيل
ڪنهن جا رت هاڻا پيرا

ڳائن اجرا اجرا ڪيت
ماٺهو ڳدلا ۽ ميرا

تنهنجي در ڪڙڪائڻ ريءَ
موٽي ويس ڪي ئي پيرا

ڳل هڪ جاءِ تي بيٺو آهي
پوپٽ پائي ٿو ڦيرا

جڏهين ڪا بندوق چٽي
تڏهين ڪهڙا آڪيرا

روز نئون سج روز نئون چنڊ
روز نوان تارا
روز نوان ۽ تازا نظارا

ڪالهوڪو سج ٻڏي ويو
ڪالهوڪو چنڊ لهي ويو
هيءُ سج آهي اڄوڪو سج
چنڊ بہ آهي تازو نج

هيءُ گل هيلوڪا آهن
گل پروڪا ويا ڇڻي
منڊ بهار ڄڃي آهي ليڪن
اها نہ جا پر سال وٽي

تون بہ ڪلهوڪي ناهين سائڻ
مان بہ ڪلهوڪي ناهيان
تون بہ نئين ۽ مان بہ نئون
روز توانا ۽ تازا
روز نوان ۽ تازا نظارا
روز نئون سج
روز نئون چنڊ

هاڻي آءٌ نہ سوليءَ چڙهندس
هاڻي تنهنجو وارو آهي

مون هر دور ۾ رت هاريو آ
مون هر دور ۾ ساهہ ڏنو آ
منهنجو ساهہ گهٽيو ويو آ
۽ هر وير ڪٺيو ويو آ
مون ئي پٽڙ ڪاڏا آهن
۽ زنجير بہ پاتا آهن
مان ئي صليب تي لڙڪيو آهيان
سسي ڪپائي ڦٽڪيو آهيان
مرڪي مون سڀ سور سٺا تي
چپ چپ سڀ الزام ٻڌا تي
صدين کا خاموش رهيس مان
۽ ايڏو بي هوش رهيس مان
ماڻهن جو ويساهہ کڄي ويو
ماڻهن جو ايمان ڌهي پيو

ماڻهن سمجهيو سچ ڪائر آ
ماڻهن سمجهيو سچ بي طاقت
جنهن ۾ ناهي ڪائي همت

هاڻي آءٌ نہ سوليءَ چڙهندس
هاڻي تنهنجو وارو آهي

مون هٿ ۾ بندوق کنئي آ
منهنجي جهوليءَ ۾ هي بم آ
پيرَ سنڀالي بيهه هينئر تون
تنهنجو اڄ مونسان ئي ڪم آ
مستقبل جو ڪاتب آهيان
منهنجي هٿ ۾ لوح و قلم آ

تو سقراط کي زهر پياريو
۽ سقراط مئو ناهي پر
منهنجي روپ ۾ آهيو آهي
تو منصور کي ڦاهيءَ چاڙهيو
پر منصور مئو ناهي ۽
منهنجي روپ ۾ آهيو آهي

عيسىٰ کي تو صليب تي چاڙهيو
پر عيسىٰ ڏس تہ جيئرو آهي
منهنجي روپ ۾ آهيو آهي
تو هوشوَ کي گولي هنئي پر
هوشو موٽي آيو آهي
تو هيمونءَ کي ڦاهيء چاڙهيو
هيمون اڄا پي جيئرو آهي

سيني جو مان بدلو وٺندس
ايسيتائين مان پيو وڙهندس
جيسين تون نابود ٿئين
تنهنجو نشان پي ڪين رهي
وري نہ ڪنهن کي همت ٿئي جو
سقراح کي زهر پياري
يا منصور کي ڦاهي چاڙهي

مون هٿ ۾ بندوق کنئي آ
منهنجي جهوليءَ ۾ هي بم آ
پير سنپالي بيهہ هينئر تون
تنهنجو اڄ مونسان ئي ڪم آ
مستقبل جو ڪاتب آهيان
منهنجي هٿ ۾ لوح و قلم آ

هاڻي آءٌ نہ سوليءَ چڙهندس
هاڻي تنهنجو وارو آهي

رڻ ۾ ڪهڙو مانجهاندو

اڄ ڪٿي اڳتي هلبو
رڄ يلي ڏئي دلبو
هلڻو آهي هيڪاندو
رڻ ۾ ڪهڙو مانجهاندو

ڪوئي واقفڪار نه آ
ڪٿي به ڪا وٽڪار نه آ
ڪو به سمر ناهي آندو
رڻ ۾ ڪهڙو مانجهاندو

پير پٽون ٿين ته به هلبو
رائو رت سان ٿئي ڪنهنبو
من ڪڏهن به نه ٿئي ماندو
رڻ ۾ ڪهڙو مانجهاندو

هڪڙي سندر سپني تان
ڪي ئي ساپيائون گھوريان

جڳ ۾ ٻي ڪا سونهن ٻه آ
تو مان ڏاپان پوءِ سوچيان

روز ائين ئي پلجي شل
تنھنجي درتي اچي نڪران

نيڻ ڪٽورا ديد شراب
تون پيارين ۽ آءٌ پيان

## جا وک چاوين سا وک اڳتي *

ٻيو ڀيرو ڪوئي ٻہ نہ ايندو
جيڪو ايندو نيٺ سو ويندو
هڪڙو ڀيرو آهي حياتي
موت دريءَ مان جهاتي پاتي
تون ٻہ نہ هوندين مان ٻہ نہ هوندس
تون ٻہ نہ ايندين مان ٻہ نہ ايندس
ڪوبہ نہ ايندو ڪوبہ نہ ايندو
ٻيو ڀيرو هيءُ کيل نہ ٿيندو
ٻيهر ڪنهن جو ميل نہ ٿيندو

تون ۽ مان سي گل آهيون جي
بس هڪڙو ڀيرو ئي ٽڙندا
اهڙا تارا اهيون جيڪي
اڀ تي هڪڙو ڀيرو ڪڙندا

وري نہ اچبو وري نہ اچبو
اڳتي هلبو اڳتي هلبو

---

* محمد فقير جي شعر جي هڪ سٽ
** هيءَ سٽ ٻہ ڀيرا " مون دريءَ مان جهاتي پاتي " ڪري ڇپي هئي. تنوير جي پنهنجن ڪتابن ۾ هن پنهنجي هٿن سان ٻہ ڀيرا اها ڇڪ صحيح ڪئي. ان ڪري هتي هن سٽ کي صحيح ڪري لکيو ويو آهي.

پوئتي موٽڻ ۾ ڇا آهي
جيڪي ڏٺو سو ڏسڻ ۾ ڇاهي
واريءَ جي پٽ آهي حياتي
پيرا هڪ ڏس ۾ ئي وڃن ٿا
موٽي هرگز ڪين اچن ٿا
موٽڻ مشڪل ناهي پر
موٽڻ بس ناممڪن آهي

اڳتي هلبو اڳتي هلبو
ڪاڏي؟ ڪوئي ماڳ نه آهي
توڙي ڪوئي پاڳ نه آهي
پوءِ به اڳتي هلڻو آهي
پوءِ به اڳتي هلڻو آهي
اڻ ڄاتي ڪنهن ماڳ ڏي هلبو
پر هر ماڳ اها منزل آ
جيڪا تو مون سوچي آهي
پنهنجي قسمت پنهنجي هٿ ۾

تون ڇا آهين
تون ڇا آهين

جي تون چاين سڀڪجهہ آهين
ڪجهہ بہ نہ چاهين
ڪجهہ بہ نہ آهين
جيڪي چاهين
سوئي آهين

هيءَ دنيا آ تنهنجي دنيا
جيئن بہ چاهين
تيئين ئي ٺاهين
توڙي ڊاهين
ٺاهين ڊاهين ڊاهين ٺاهين
جنهن کي چاهين تنهن کي چاڙهين
جنهن کي چاهين تنهن کي لاهين
آهين ناهين چاهين چاهين
سڀڪجهہ آهين سڀڪجهہ آهين

ڪيسين هلندين سونهان ـ مونکي
اڃا ٻه اڳتي وڃڻو آهي.

منهنجي واٽ انوکي آهي،
جيڪا تنهنجي ناهي ڏٺل،
تنهنجي سونهپ، تنهنجي ساڃهه،
تنهنجي سياڻپ آهي گنل.

تون جيڪي واٽون ٿو چاڙهين،
تن سان ناهي منهنجو ڪم،
تنهنجي هڪ هڪ وک کان نيارو
آهي منهنجو قدم قدم
ڪيسين هلندين سونهان ـ مونکي
اڃا ٻه اڳتي وڃڻو آهي.

اسانجو قلم محترم آ
اسانجو قلم هڪ علم آ

هيءَ نوڪ قلم آهي سنگين وانگر
زماني جي ناسور جي لاءِ نشتر
اسان کي نه گهر جي نه گهر جي ڪا دولت
اسا لئه قلم جام جم آ
اسانجو قلم محترم آ
اسانجو قلم هڪ علم آ

علم آهي جنهن هيٺ هيسيل ديايل
ڏتاريل ڌڪاريل اڇي نيٺ مڙندا
انهن جي اميدن جا گل نيٺ ٽڙندا
اسانکي قلم جو قسم آ
اسانجو قلم محترم آ
اسانجو قلم هڪ علم آ

هيٺ ستارا مٿي ستارا وچ ۾ آهي چنڊ
هيءُ مَانڊيءَ جو منڊ

روشنين جي وهندڙ ڌارا
وڃي ٻوڙندي لاٽ
روشن روشن واٽ

اڌ اونداهي اڌ سوجهرو
ڌيما ڌيما ساز
اڌ چپ اڌ آواز

هيءُ سيڪجهه پيو ڪجهه ٻه نه آهي
جي تون ناهين ساڻ
او منهنجي چانڊاڻ

## ٽيڙو

اونداهي ۽ سانت
ٻن ڳالهين ۾ ٿي ملي
هينئڙي کي ايڪانت

جرڪيو اَهڙيءَ ريت
اوندهه ۾ چڻ ڪا ڪنوڻ
منهنجو روشن گيت

واچ ٿي لڏي وڻ
جهولن ٽاريون خوب ٿيون
ٽپڪي جا انب چڻ

هوريان وهندڙ واهه
پاڻي تي پاڇا لڏن
ترڪي وڃي نگاهه

رات وسي پرسات
وچ جو ڇمڪو تنهن جو منهن
۽ پوءِ ڪاري رات

رونبو ڪن ان ريت
ماٺهو گپ هاٺا مگر
ڳائن اجرا ڪيت

وسي مسلسل مينهن
سج رٺل آ تو جيان
آهي رات نه ڏينهن

اڄ ايئن تو مرڪيو
پاري جي رات وئي ڪٽي
اس ترڪو نڪتو

پرهه ڦٽي ۽ ماڪ
بانگ ڪڪڙ جي ٿي ٻڌجي
سٽل اجا ٻي پياڪ

ڇٽيو ٻبر جو ٻور
چارو پيلو ٿي ويو
پوءِ به وچٽو ڏور

ڪالهه وسيو هو مينهن
ڪپڙن تان ڇڪ ڌوئيندي
اڄ گذريو سارو ڏينهن

مينهن وسيو ڪلهه جام
باغ ڪمي پاڻي ڏيڻ ڪان
اڄ ته مليو آرام

گرمي گهُٽ ۾ من
ڏسان پيو وڻ ڏانهن من
چري پوي ڪو پن

هيءُ جي ساوا پن
۾ هر ٻاڙهين پنکڙيون
ڪنهن جا ويس ۾ ون

ڪنهنجو چوريو چنگ
۾ چرڪي آواز ڪان
اڏري ويو هو ڪنگ

منهن جو نيهن نمار
ڪيئن سليان مان لوڪ سان
پنهنجي من جا راز

جڳ سارو ساٺيهه
ليڪن مونکي ٿو وٺي
ٻين ڪان وڌ هي ڏيهه

سارا ماڻهو سون
سنڌ جي ماڻهوءَ جي مثل
آهي ڪٿي ٻه ڪون

روش تي زماني جي اندر ٻري
اوهان ڏي ڏسون ٿا ته دل ٿي ٺري

اسان سير ۾ پنهنجي ٻيڙي چڙهي
خبر ناهه ڪائي ٻڏي يا تري

انهن تيز نظرن ته ڳاري ڇڏيو
ٽڪيءَ اس ۾ برف ڄڻ پئي ڳري

پسي ڳل ڳاڙها رهي ڪيئن سگهي
نه چارو تڏهن پي ٿو چانگو چري

اوهان کي ڏٺوسين ۽ معلوم ٿيو
ته پيدا ٿياسين اوهان جي ڪري

اسان اڄ آهيون ۽ امرت اوهان
پيارو پياريو اسان کي پري

جيڪو آ سورائتو
سوئي تئي آسائتو

نيڻ ته مند سوا به وسن ٿا
مينهن ته آهي مندائتو

منهن جي هٿ لڳڻ سان ئي ٿيو
تنهنجو جڳ ڊولائتو

ان جي موت ته آهي محبت
آندو جو مون لاءِ تو

سج تري هيٺان لڪي ويو
چنڊ ڪي ڪوئي ٻڪيو
نان سمجهي ڪائي ويو
۽ ستارا ان ڪٿا ڀانئي
ڪنهن جنڊ ۾ پينهين چڙيا.
چو طرف اوندهه ۽ انڌوڪار تي
۽ نظر جي حد تائين ڪجهه به نه هئو ڪارنهن سوا
اوچتو ڪنهنجي اکين مان نور جون لاٽو اٿيون
ڪنهنج جي دل مان ڀڙڪو ڏئي شعلا دکيا
۽ انهي اوندهه جي ڪاري ڪاغذي ڀهراڻ کي وچڙي ويا
جنهنگ ۾ جيئن ڪا سڪل ٻوڙن کي وچڙي باهه
۽ پوءِ واءَ تي وڌندي وحي.
ايئن تيزيء ساڻ اوندهه جو لباس
ٿي ويو ناس.
سج تري هيٺان نه لڪندو
چنڊ ڪوئي نان ناهي
جو ڪو ٻڪيو ڪائي وحي.

اڪ اڙائـنـدا گـهـٽـا ۽ نـيـهـن لائـيـنـدا گـهـٽـا
مـون جـيـان پر نـيـهـن جـو نـاتـو نـڀـائـيـنـدا گـهـٽـا

مو جيان ڪو جان کي جوکي ۾ وجهندو ڪين ڪي
هونءَ ته منهنجي سهٽي کي ظاهر ۾ پائيندا گهٽا

هڪڙو مان ئي حال پنهنجو ڪين چئي سگهندس ڪڏهن
حال منهنجو هونءَ توکي پيا ٻڌائيندا گهٽا

تنهنجو منهن ۽ زلف تنهنجا، تنهنجا ڳل ۽ تنهنجا چپ
صبر مـنـهـنجي کي اجا پيي آزمـائـيـنـدا گـهـٽـا

تون هيئن جنهن ڏي الائي ڪيئن وري هي دل چري
هونءَ ته سهٽا دل کي منهنجي هٿا ليائيندا گهٽا

راڳ جـو تـنـوير مـان اڄ ٿـو اڪـيـلـو ڳائـيـان
وقت ايندو جو انهيءَ کي نيٺ ڳائيندا گهٽا

آءُ وري
آءُ وري

دل تي هٿن مان وحي
پيار نہ ڪنهن جي محي
توکان سواءِ ڪين سري
آءُ وري
آءُ وري

نيهن جو دريا آ
جيڪي انهيءَ ۾ پڙا
پانءِ تہ سي ويا تري
آءُ وري
آءُ وري

وهم گناهن جو چو
مان بہ ملائڪ نہ ڪو
تون بہ نہ ڪا حور پري
آءُ وري
آءُ وري

نوان سچ چئبا
نوان ڪوڙ ظاهر ڪبا
نوان ڏينهن آيا
نوان نينهن آخر ڪبا

نئين ڏات ملندي
نئين لات ملندي وري
نئين ذات پنهنجي
نئين جوت جلندي وري

سيئي ڪوڙ جهونا اگهاڙا ٿيا
نوان ويس پائي نوان ڪوڙ آيا
نوان سچ چئي ۽
انهن کي اگهاڙو ڪنداسين ته نيٺ
انهن کي اگهاڙو ڪنداسين ته نيٺ

مون وٽ اچ مون وٽ اچ

ائين نہ اچ جيئين مند جا گل
ڳاڙها نيرا پيلا گل
ٽڙي ۽ ڪن جهرمر ڪجھ ڏينهن
ائين جيئن ڪوئي ڪچو نينهن
وڃن هو پاڻ بہ ڪومائي
منهنجي دل پي گهبرائي

مون وٽ اچ مون وٽ اچ
ائين نہ اچ جيئين ساوڻ مينهن
تورو وقت ڪري تڏڪار
۽ ان کان پوءِ آخرڪار
ساڳي ٻٽ ۽ ساڳي اساٽ
ڇڻ تہ پئي ئي ڪين هئي ڇاٽ

مون وٽ اچ مون وٽ اچ
ائين نہ جيئين هيءُ چوڏهينءَ چنڊ
هڪڙي رات هٽي تو منڊ
۽ پوءِ روز وڃي گهٽبو
منهنجو هانءُ بہ تئي تورو

مون وٽ اچ مون وٽ اچ
ايئن، جيئن ڪو ازلي سچ
سدا حسين ۽ سدا جوان
جنهن جا جوبن نت نوان
جنهن جا جوبن نت نوان

جوت جلڻ سان آهي
ڪوئي ته جلندو
ڪوئي ته جلندو

ماڳ هلڻ سان آهي
ڪير ته هلندو
ڪير ته هلندو

سو پ وڙهڻ سان آهي
ڪير ته وڙهندو
ڪير ته وڙهندو

شعر لکان تو
ڇڻ مان ڪو پوپٽ پڪڙيان تو
يا ڪو گل گلاب چنان تو
يا ڪنهن مينهن ڦڙي کي جهٽيان تو
يا ڪنهن سهڻي من مهڻي جو
نازڪ نازڪ ڳل ڇهان تو
يا ڪنهن وڄ کي
پنهنجي پلاند ۾ قيد ڪريان تو
يا ڪنهن واچوڙي کي پنهنجي مٺ ۾ بند ڪريان تو
شعر لکان تو

تنهجو جي نام اچي
جام تي جام اچي

تئي جو بدنام اچي
چڏي اسلام اچي

گلرخن جي نالي
مئہ گلفام اچي

ياد تنهنجيءَ سان سدا
دل کي آرام اچي

شعر لکجن تنوير
جڏهن الهام اچي

پڇري مان نڪرڻ گهرجي
اڄ مون کي اڏرڻ گهرجي

ٻاهر خشبو آ ڪيڏي
گل جو رنگ ڏسڻ گهرجي

روئي روئي سوچم نيٺ
اڄ مونکي مرڪڻ گهرجي

عمر سنياسي پير ڪنيم
اڄ مون کي ترڪڻ گهرجي

نانگ ڏنگهيو آ مو کي تو
مونکي تنهنجي مڻ گهرجي

ڍر ڏي پيرت جي ڌاڳي کي
ڳنڍي نه پوء ڇنڻ گهرجي

واء اتر جو سِهُه سيارو
اڄ ڪو مچ مچڻ گهرجي

تو وٽ مان جي اچي نه سگهان
مو وٽ توکي اچڻ گهرجي

اڄ ڪو رنگ رچڻ گهرجي
اڄ تنوير اچن گهرجي

هيءَ پاڇن جي حقيقت
هيءَ خوابن جي حقيقت
سونهن ڇڻ ڪنهن جو چٽڪو
نينهن ڇڻ مينهن سانوڻ جو
پيار ڇڻ برف محل
روپ ڇڻ رمندو ڪو بادل
تنهنجي حقيقت آ فنا
منهنجي حقيقت آ فنا
حسن فاني
۽ محبت فاني
آ فنا جو ئي فنا ساڻ لڳاءُ
هير جو ماڪ سان ڇڻ آ هڳاءُ
ڪجھ گهڙيون آهي بچاءُ
جيستائين آ بقاءُ
تيسين تہ محبت آهي
جيسين فاني تئي ڪو
تيسين تہ حقيقت آهي

ڏاهو توڻي پورو ماروئڙن کي شال وڻان

ساهه ڏيان تو ساٿ لئي ڪنهن تي ناهي تورو
ماروئڙن کي شال وڻان

منهنجو من ايئن پاڪ آ جئن ڪو ڪاڳر ڪورو
ماروئڙن کي شال وڻان

جيڪو توڙ نيائي ڇاڻي سوئي آهي سدورو
ماروئڙن کي شال وڻان

وڃندو آهي سوئي جيڪو هوندو آهي پورو
ماروئڙن کي شال وڻان

هو جيڪو گل ڪالهہ ٽڙيو هو
ڪٿان اڄي سو اڄ
هوءَ جا خشبو مست هئي ڪلهہ
هوءَ جا گلابي لڄ

اڄ پي ڪي ئي گل ٽڙيا ۽
ڪيئي نڪريا رنگ
اس جي ٽڙڪي جهڙا روپ ۽
انڌلت جهڙا انگ

اڄ پي ڪي ئي ساز ڇڙيا پر
اهو ڪلهڪو گيت
پريت نيئن ٿي دل ڪي وٺي پر
الا پراٺي پريت

جيت اڄوڪي ڪجهہ بہ نہ آهي
اها ڪلهوڪي هار
اهو پراٺو پيار الا او
اهو پراٺو پيار

بند ڪمرو
جنهن جي اولهہ جي طرف شيشو لڳل
جنهن مان لهندڙ سج ليئا پائي ٿو روز
اپرندڙ سج کين جهاتي آهي پاتي
۽ انهي شيشي منجهان
بنگلي جي باغ جو منظر بہ ڏسجي ٿو پيو
گل ڪي نارنگي ڪي پيلا ڪي اڇا
رنگ ڏسجي ٿو مگر خشبو ـ ؟
ڪيئن ڪري شيشي جي هيءَ ديوار پار
هيءُ جهرڪيون هي ڪبوتر هيءُ ڳيرا
هڪڙي وڻ کان ٻئي تي ٽا ٽپ ٽپ ڪرن،
صاف ڏسجي ٿو اهو،
پر انهن پکين جون مٺيون ٻوليون ٻڌجن نہ ٿيون.
بند ڪمرو جنهن جي اولهہ جي طرف شيشو لڳل ـ
جنهن منجهان ڏسجي تہ سڀڪجهہ ٿو پيو
اپرندڙ سج کان سوَاءِ
پر ٻڌجي ڪجهہ پيو نہ ٿو
۽ نہ ڪا خشبو اچي.
اوچتو ڪنهن حرڪتي ڇوڪر
کڻي پٿر هنيو.
شيشو ڀڄي پيو،
خشبو اندر ڏوڪي وئي.

پـيـلائـين سـان پـول منهنجو پيلائين سان پول

ڪين وساريندس مان ڪڏهن ڪـئڙم جـيـڪـو قـول
منهنجو پيلائين سان پول

دل ۾ ڪـوئي ڏپ نہ آهـي هـيـنـئڙي نـاهـي هـول
منهنجو پيلائين سان پول

پهچي پار نہ رهندو ياد هي وهہ تک جـهڪ ۽ جـهـول
منهنجو پيلائين سان پول

منهنجي لڙڪ جي قيمت ناهي هـي مـوتـي انمـول
منهنجو پيلائين سان پول

او تنوير اجا به گهٽائي جيئڻ لاءِ سهارا آهن
گل اجا پي سرها آهن دوست اجا پي پيارا آهن

آءٌ رڻن جو رولو آهيان منهنجا رستا نيارا آهن
جن تي ڪوئي پيرو ناهي سي ئي منهنجا چارا آهن

هيءُ جي گل ۽ مکڙيون آهن هيءُ جي چنڊ ستارا آهن
ڪنهن منڙي جو مظهر آهن ڪنهن پياري جا اشارا آهن

جن سان اوندهه ۾ پي جهلڪا ڏئي تي جهرمر جوت سدائين
هيٺ زمين تي ٿورا ماڻهو اپ ۾ ڪي ئي تارا آهن

آءٌ ازل کان وينو آهيان واٽ ۾ ايئين نيڻ وڇائي
جڻ منهنجا محبوب هتان هاڻي ئي گذرڻ وارا آهن

موکي تنهنجي اکڙين مان ڪا جوت امرتا جي ٿي جهلڪي
قاتل جي هيراڪ انهي جي لاءِ ٿيا هي متارا آهن

هڪڙو ڪمرو آهڙو جنهن جي هر هڪ ڪنڊ ۾ چارا آهن
جت ماڻهو ناهن ات ڪوريئڙن جا وارا نيارا آهن

جي منهن مٺايو مري وياسين
۽ جي نهاريو ته جي پياسين

ٻه جام پي ۽ ڏنو اوهان ڏي
ته جيڪي هئي سين سو ٿي پياسين

ڏٺي سين اوندهه اندر سڙي پيو
ڏيئا هياسين ٻري پياسين

شهر اوهان جي اچي خبر پئي
پليل هئاسين پلي پياسين

ڇم ڇم ڇم ڇمڪي ڇير
ايـو ڪـير
منـهنجي اڱڻ ۾

هيءُ ڪهڙو ٿي ويو آ جادو
وايـو منـدل سـارو خـشـبـو
سرهي سانجهه سوير
ايـو ڪـير
منـهنجي اڱڻ ۾

گونجيا گونجيا گيت ڪٿان هيءُ
سازن آندي ريت ڪٿان هيءُ
هيءُ پڻ پڻ جا پير
ايـو ڪـير
منـهنجي اڱڻ ۾

بـاهـر ۽ انـدر آئـيـنـو
جرڪي دنيا جرڪيو سينو
لهي ويا سـپ مير
ايـو ڪـير
منـهنجي اڱڻ ۾

پنڌ آهي پري
پنڌ آهي پري

تيسين ترسي بہ پئو
ڏينهن جيسين ٽري
پنڌ آهي پري

جيسين موٽي اچين
ڪو جئي ڪو مري
پنڌ آهي پري

شال موٽي اچي
تو لڳين مون ڳري
پنڌ آهي پري

سيـاري پن چـٽن
چٽن نہ تنهنجون ڳالهڙيون
چـنبڙي دل کي پـون

سياري جهڪو درياهه
جيئن لهي درياهه تيئن
چڙهي وحي تو چاهه

سياري نـنڍڙو ڏينـهن
جيئن ننڍو تئي ڏينهن تيئن
وڏي وڏو تـئي نـيـنـهن.

ماضي سچ ڪڙو ڪو
چڻ ڪو مڏ پروڪو

جيڪو خواب ڪلهوڪو
سوئي سچ اڄوڪو

سيڪو سپنا ماٺي
سايا ماٺي ڪوڪو

اسان ملائڪ ناهيون
او لوڪو او لوڪو

گل چٽڻ جو ڪاتي
تو آواز پڏوڪو

تج جي گوهي جيان
شعر نڪتو ذهن مان

ڇڻ ته ڏينهون ڪو ڪليو
ڇڻ ته ڦٽيءَ آ منهن ڪڍيو

ڇڻ ته اڪ ٽڙو اڏيو
واءَ تي ترندو ويو

ڪيستائين مجاز جون ڳالهيون
هاڻ هلنديون نہ راز جون ڳالهيون

تون نہ سمجهين ۽ مان ڪندو تو وتان
شعر پنهنجي ۾ راز جون ڳالهيون

حسن آڏو جهڪي ڏسي هڪبار
پوءِ ڪري نماز جون ڳالهيون

تون ياد اچين ايئن جيئن هير گهُلي تي
اٽڃاتي خوشي ڇڻ منهنجي جهوليءَ ۾ جهُلي تي

ڇڻ ماڪ پوي تي ۽ ڪا تذڪار تئي تي
ڇڻ صبح تئي تو وري مکڙي ڪا کُلي تي

ايئن پيار جي هبڪار وڃي قلجي جڳ ۾
ڇڻ شهر ۾ افواهه تي ڪا ڳالهه هُلي تي

ڪيتريون سهڻيون صورتون
تنهنجي صورت ڪٿي

ڪيترين مهڻيون مورتون
تنهنجي مورت ڪٿي

شهر جي شور ۾ تنهنجي آواز کي
مان سڃاڻي وٺان

تون گُن ۾ لڪي جي وڃين
توکي ڇاڻي وٺان

هيءُ نوري نظارا لڪائي سگهن
ٿا نه توکي ڪڏهن

منهنجي دل تان مٽائي سگهن
ٿا نه توکي ڪڏهن

گوڙ ۾ گم ته يي توکي ڳوليان پيو
توکي ڳوليان پيو توکي ڳوليان پيو

سوکھڙي تي ساوڪ آئي سانوڻ مينهن پيا
توسان نينهن ٿيا

ڳاڙها پيلا ناسي نيلا ڪي گل ٽڙيا
توسان نينهن ٿيا

مڌر مڌر هئي سانت ائين چڻ ڪي ئي ساز ڇڙيا
توسان نينهن ٿيا

ڪي وريا، سي، جيڪي اونهين اکڙين منجهه گهڙيا
توسان نينهن ٿيا

مڌ پي جي نه لُڏيَا ڪڏهين سي توکي ڏسي ٽڙيا
توسان نينهن ٿيا

رات اسان جي من جي اڀ تي ڪي ئي چنڊ ڪڙيا
توسان نينهن ٿيا

مـون تـوکـي هـٿ ڏنـا
ان لاءِ تہ ڪم ڪـرين
۽ تـون انـهـن هـٿن کـي
گهڙيءَ گهڙيءَ ۽ هر ويلي
دعـا جـي لاءِ کـٽـين

ڪهڙا گهيڙ ڏسون
ڪهڙا گهاٽ پچون
تنهنجو نانءُ وٺون
ترندا تار وڃون

ترسون ڪيئن ٻلا
مــن ۾ آڳ الا
ترسون جي - ٻچرون
ڪهڙا گهيڙ ڏسون

ڪوئي ساٿ هلي
آهي جي ته ٻلي
هيڪل ورنه هلون
ڪهڙا گهيڙ ڏسون

ٻيرو ناهي ڪو
بلڪل نئون رستو
ڪنهنجا ٻير ڪٺون
ڪهڙا گهيڙ ڏسون
ڪهڙا گهاٽ پچون

گهڻين ۾ رلون ٿا
ٽڙون ٽاپڙون ٿا

گهٽو ئي پيئون ٿا
۽ ٽورو جيئون ٿا

جي الزام اچن ٿا
نہ چپ چپ ٻڌون ٿا

اتان ٿو ڪٽي جڳ
اسان جت چڙيون ٿا

اوهان ڏي ڏسون ٿا
غزل چڻ لکون ٿا

اوهان پٽن ڪي
اسان ئي گهڙيون ٿا

هيءُ ڪنهنجو لاش آ
جنگ جي ميدان ۾
کهڙو پاسو زور تيو
کهڙو پاسو گهٽ رهيو
ڪنهنجو رت هاريو گهڻو
ڪنهنجو رت آ گهٽ وهيو
ڪنهن کي ڏڪ ڳؤرا لڳا
ڪنهن کي ڏڪ تورا لڳا
ڪنهن کي گهرا گهاءَ
ڪنهن کي هلڪا زخم تيا

ڪير آڪڙجي ويو
ڪنڌ ڪنهنجو آ جهڪيو
ڪنهن تي بم برسيا گهڻا
ڪنهن جا گهر سڙيا گهڻا
کهڙي پاسي جا گهڻا
ٻار تيا آهن يتيم
ڪنهن طرف رب ڪريم

کهڙي پاسي ٻاهہ گهٽ
کهڙي پاسي آهہ گهٽ
کهڙي پاسي سور گهٽ
کهڙي طرف مجبور گهٽ
هيءُ ڪنهنجو لاش آ
جنگ جي ميدان ۾

هن جي پاسي آ ڪٿيو
يا انهي هارائيو
هيءُ ٿيو آهي شهيد
يا جهنم ۾ رسيد
رهمتون ڪنهن تي وسيون
لعنتون ڪنهن تي وسيون

هيءُ جنهنجو لاش آ
توڙي ان آهي ڪٿيو
يا انهيءَ هارائيو -
هيءُ منهنجو لاش آ
هيءُ تنهنجو لاش آ
هن نہ ڪو آهي ڪٿيو
۽ نہ آ هارائيو

مات ٿياسين تون ۽ مان
مات ٿي انسانيت
سر جهڪائي شرم کان
بيٺي آ رحمانيت

# پورو ٿيو

تنوير عباسي جا ڪتاب
www.tanveer-abbasi.org
تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا